
# اميرِ اهلِ سنّت جو پهريون

# حج 1980ع

سنڌي



- پيادل حج
- شبِ قدر ڪان به افضل
- ميدانِ عرفات ۾ حاضري
- امير اهلِ سُنّت ۽ نماز


پيشڪش:

مجلس المدينة العلميه (دعوتِ اسلامي)

ترجمو:

ٽرانسليشن ڊپارٽمينٽ (دعوتِ اسلامي)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# ڪتاب پڙهڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي ڇڏيو اِنْ شَآءَاللّٰه جيڪو ڪجهه پڙهندا ياد رهندو، دعا هي آهي:

اَللّٰهُمَّ افْتَحْ عَلَيْنَا حِكْمَتَكَ وَانْشُرْ عَلَيْنَا رَحْمَتَكَ يَا ذَاالْجَلَالِ وَالْاِكْرَام

**ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!**

(مستطرف ج ١ ص ۴٠ دار الفكر بيروت)

طالب غم مدينه بقيع و مغفرت

**(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي ڇڏيو)**

رسالي جو نالو: اميرِ اهلسنّت جو پهريون حج 1980ء

تعداد:

ڇاپيندڙ: مڪتبة المدينه عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينه ڪراچي

مدني التجا: ڪنهن کي به هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي

**ڪتاب خريد ڪندڙ توجهه فرمائن**

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گهٽ هجن يا بائنڊنگ ۾ اڳتي پوئتي ٿي ويا هجن ته مڪتبة المدينه سان رابطو فرمايو.

شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت، بانيءِ دعوت اسلامي، حضرت علامہ

## مولانا ابوبلال محمد الياس عطار قادري رضوي

دَامَتْ بَرَکَاتُهُمُ الْعَالِيَه

جي ڪتاب ”نيڪي جي دعوت“ مان ڪنيل مضمون

# اميرِ اهلسنّت جو پهريون حج 1980ع

**ترجمو**

ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي)

هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.

**رابطي جي لاءِ:**
**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي) عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ محلہ سوداگران پراڻي سبزي منڊي ڪراچي**

**UAN:** ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 7213

**Email:** translation@dawateislami.net

# پهريان هي پڙهي وٺندا

عاشقِ مدينہ، اميرِ اهلسنّت، حضرتِ علامہ مولانا محمد الياس عطّارقادري رضوي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ جن کي 1400 هجري بمطابق1980 ۾ پهرين حج ڪرڻ جي سعادت حاصل ٿي. اميرِ اهلسنّت جي مکي ۽ مديني پاڪ ۾ حاضري جا منفرد انداز ۽ ٻيا معمولات، عُمري ۽ حج جي رڪنن جي ادائيگي جون ڪيفيتون عاشقانِ رسول خاص طور حرمَين طيبَيّن(مکي ۽ مديني) وڃڻ وارن جي لاءِ تربيت ۽ ذوق ۽ شوق ۾ واڌاري جو سامان آهن. اميرِ اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ جي هن مبارڪ سفر کي ”شعبہ هفتيوار رسالي“ جي طرفان تحريري طور تي پيش ڪيو پيو وڃي. هن جي پهرين قسط **”اميرِ اهلسنّت جو پهريون سفرِ مدينہ“** ٻئين قسط ”اميرِ اهلسنّت جي مديني جي سفر جا واقعا“ جي نالي سان پيش ٿي چڪي آهي، هاڻي ٽئين قسط **”اميرِ اهلسنّت جو پهريون حج (1980)“** توهان جي سامهون آهي.

اج کان تقريباً 44 سال پهريان 1980 ۾ آڊيو، وڊيو ريڪارڊنگ يا لکت جو باقاعده سلسلو نہ هيو جو حج جي سفر جا تفصيلي حالات محفوظ ڪري سگهجن ها. هن رسالي ۾ شامل معلومات ۽ واقعن جي لاءِ گهڻي مدد ”مدني مذاڪري“ ۽ مدني چينل جي ٻين سلسلن مان ورتي وئي آهي جوتہ ڪيئي سوالن جي جواب ۾ يا ضمني طور تي اميرِ اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ پهرين حج جي سفر جا ڪجهہ نہ ڪجهہ احوال پاڻ ٻڌايا آهن، ان کان علاوه ٻين ذريعن سان بہ معلومات حاصل ڪئي وئي آهي، ايئن وس آهر ڪوشش ڪري درست معلومات تي مُشتمل هي رسالو ضروري ترميم ۽ اضافي کان بعد تيار ڪيو ويو آهي. اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! هن مبارڪ سفر جي چوٿين قسط ”اميرِ اهلسنّت جي مديني پاڪ کان جُدائي“ تمام جلد پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪنداسين. هر هفتي دعوتِ اسلامي جي سوشل ميڊيا ۽ خاص طور مدني مذاڪري ۾ مدني چينل تي جنهن رسالي کي پڙهڻ جو اعلان ڪيو ويندو آهي ان کي ضرور پڙهي يا ٻڌي وٺندا ڪيو. الله پاڪ اسان سڀني کي حج ۽ عُمري جي سعادت عطا فرمائي.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

ابو محمد طاہر عطاری مَدَنی عُفِیَ عنہ (شعبہ: ہفتہ وار رسالہ، المدینۃ العلمیہ)

اَلْحَمْدُ لِلّٰہِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَالصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الْمُرْسَلِیْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰہِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰہِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ ؕ

# اميرِ اهلسنّت جو پهريون حج 1980ع

دعاءِ خليفهءِ اميرِ اهلسنّت: اي الله پاڪ! جيڪو به 17 صفحن جو رسالو ”**اميرِ اهلسنّت جو پهريون حج**1980ع “ پڙهي يا ٻڌي وني، اُن کي بار بار حج ۽ مديني جي زيارت سان نوازي ڪري بنا حساب ڪتاب جي جنّتُ الفردوس ۾ پنهنجي پياري پياري آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو پاڙو نصيب فرماءِ.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## دُرود شريف جي فضيلت

فرمانِ آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: فرض حج ڪريو، بيشڪ ان جو اجر ويه هزار غزون ۾ شرڪت ڪرڻ کان وڌيڪ آهي ۽ مون تي هڪ ڀيرو دُرودِ پاڪ پڙهڻ ان جي برابر آهي.

(فردوس الاخبار، 339/1، حديث:2484 )

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## مُرشد جي اطاعت

اَشهُرِ حج (يعني حج جي مهيني) جا بابرڪت ڏينهن اچي ويا، حج ۽ مديني جي زيارت جي شوق ۾ حاجي سڳورن جا قافلا حِجازِ مُقدس

(يعني عرب شريف) جي طرف روانا آهن، اها پُرڪيف ۽ ذوق پري هوا هلندي ئي مديني جي سچي عاشق اميرِ اهلسنت، حضرتِ علامہ مولانا محمد الياس عطّارقادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي دل ۾حج جو شوق  پيدا ٿيڻ لڳو پر مجبوري اها هئي تہ پاڻ عُمري جي ويزا تي حَرَمَين شريفين آيل هئا، سندن خوش نصيبي جو اوچتو انتظاميہ جي طرف کان اعلان ٿيو تہ حج جا اخراجات جمع ڪرائڻ وارو حج ڪري سگهي ٿو. انهن ڏينهن ۾ حج جا اخراجات سوا چار سؤ (425) يا پنج سؤ (500) ريال هئا. ڪجھ ماڻهن چيو تہ: ڪو پڇندو ناهي، مڪي هلون ٿا، حج ڪري وٺنداسين رقم ڏيڻ جي ڪهڙي ضرورت؟ پر عاشقِ مدينہ نهايت ئي حُساس انسان هئا، پاڻ پنهنجي پير ۽ مُرشد سيدي قطبِ مدينہ مولانا ضياءُ الدّين احمد مَدَني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي خدمت ۾ هي ڳالھ عرض ڪئي تہ پير صاحب  فرمايو: قانوني حج ڪيو!“ ڪامل مُريد ڪامل پير جي فرمان تي لَبَيڪ چوندي پنهنجو پاسپورٽ هڪ دوست جي ذريعي ايجنٽ کي جمع ڪرائي ڇڏيو، ايجنٽ حج جو پاسپورٽ ويزا جي لاءِ جدّہ شريف موڪلي ڇڏيو، جڏهن ڪوڙ ڏينهن گذرڻ کان بعد بہ پاسپورٽ واپس نہ آيو تہ سندن بي قراري وڌڻ لڳي، چوتہ حج جي موسم شروع ٿي چڪي هئي ۽ حاجي سڳورا قافلن جي صورت ۾ عرب شريف پهچڻ شروع ٿي چڪا هئا. جڻ ڪجھ اهڙي ڪيفيت هئي...

عَرَفات اور مُزدَلفہ اور مِنٰی چلوں     حج کرلوں حق سے اِذن دلا دیجئے حُضُور

انهيءَ دوران اميرِ اهلسنّت کي **”مديني پاڪ“** ۾ هڪ مقام تي ڪراچي جو هڪ عالِم صاحب حضرت مولانا جميل احمد نعيمي

رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡه مليو.[1] انهن عاشقِ مدينہ جي هيءَ پريشاني ڏسي ڪري فرمايو: ”مونکي مديني جي گهٽين ۾ (پڙهڻ جي لاءِ) هڪ بزرگ هن وظيفي جي اجازت ڏني هئي: ”قَلَّتْ حِیْلَتِیْ اَنْتَ وَسِیْلَتِیْ اَغِثْنِیْ یَارَسُوْلَ اللہ“[2] مان بہ مديني جي گهٽين ۾ هن وظيفي جي اوهان کي اجازت ڏيان ٿو، مُراد پوري ٿيڻ جي لاءِ هي وظيفو تمام سُنو آهي.“

عاشقِ مدينہ چند ڀيرا ئي هي وظيفو پڙهيو هيو تہ پاسپورٽ تي ويزا لڳي ڪري اچي وئي. اَلۡحَمۡدُ لِلّٰہ! ايئن اميرِ اهلسنّت جي پهرين حج جا سبب بڻجي ويا.

مل گئی کیسی سعادت مل گئی
مجھ کو اب حج کی اجازت مل گئی

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب
صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## سيد سڳورن سان گڏ حج جي لاءِ روانگي

مديني پاڪ ۾ قيام جي دوران پاڻ دَامَتۡ بَرَکَاتُہُمُ الۡعَالِیَہ جي ڪيئي عاشقانِ رسول سان ملاقات ٿي ۽ سندن ملنساري ۽ خوش اخلاقي جي ڪري ڪجھ حضرات سان دوستي بہ ٿي وئي، انهن ساٿين مان ڪجھ سيدَ سڳورا پاڻ سان تمام گهڻي محبت ڪندا هئا انهن بہ حج جو ارادو ڪيو تہ امير اهل سنت کي گڏ هلڻ جي آفر ڪئي، عاشقِ مدينہ هامي ڀري ورتي. اللہ پاڪ جي فضل ۽ ڪرم سان ايئن ڪجھ ماڻهن تي مُشتمل هي مختصر قافلو احرام ٻڌي ڪري ”حجِ

---

[1] حضور سيدي قطبِ مدينہ رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡه انهن کي پنهنجي خلافت سان بہ نوازيو هو
[2] ”اَغِثْنِیْ“ جي جڳھ ”اَدْرِکْنِیْ“ بہ پڙهي سگهجي ٿو

قران"[1]جي نيّت ڪري مديني پاڪ کان مڪي شريف جي طرف روانو ٿيو. اللہ پاڪ جي بارگاھ ۾ اميرِ اهلسنّت "وسائلِ بخشش" ۾ عرض ڪن ٿا:

جس جگہ آٹھوں پہَر اَنوار کی ہیں بارِشیں　　　ایسی نورانی فضاؤں میں بلایا شکریہ

## اي اللہ پاڪ! مان حاضر آهيان

حج جي لاءِ اچڻ وارن حاجين سڳورن جي ڪثرت جي سبب بَلدُ الأمين (يعني مڪي شريف) جون رونقون پنهنجي عروج تي هيون. عاشقِ مدينہ طواف ۽ سعي جي سعادت حاصل ڪري عُمرو شريف مُڪمل ڪيو. حجِ قِران ڪرڻ وارن کي طوافِ قُدوم[2] ڪرڻو هوندو آهي پاڻ اهو بہ ڪري ورتو. ان کان بعد پاڻ حضرت امام زينُ العابدين رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي ان واقعي کي ياد ڪري تصور ۾ گُم ٿي ويا تہ جڏهن پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه احرام ٻڌو تہ "لَبَّيۡڪ" نہ پڙهي. عرض ڪيو ويو: يا سيدي! لَبَّيۡك؟ فرمايائون: مون کي خوف آهي تہ ڪٿي جواب ۾ "لَا لَبَّيۡك" نہ چيو وڃي. عرض ڪيو ويو: "حضور! احرام ٻڌي ڪري لَبَّيۡك چوڻ ضروري آهي." جيئن ئي پاڻ لَبَّيْك پڙهيائون تہ بي هوش ٿي زمين تي تشريف وٺي آيا تہ هي ڪهڙي عظمت واري بارگاھ بي

---

[1] هيءَ حج جي ٽنهي قِسمن کان افضل قِسم آهي(تفصیلی معلومات کے لئے بہارِ شریعت 1/1155، حصہ:6اور رفیق الحرمین پڑھیے۔)

[2] ميقات جي ٻاهران اچڻ وارو مڪي پاڪ ۾ حاضر ٿي ڪري ٽنهي کان پهريون جيڪو طواف ڪري ان کي طوافِ قُدوم چوندا آهن. "قِران" ڪرڻ وارن جي لاءِ هي سنّتِ مؤڪده آهي. (بہارِ شریعت، 1/1050، حصہ:6)

نياز ۾ حاضري جي دعوٰي ڪري رهيو آهيان، سچي رستي ۾ امام زينُ العابدين رَحمَةُ اللهِ عَلَيه جي اها ئي ڪيفيت مبارڪ رهي ته جڏهن به لَبَّيڪ پڙهندا هئا بيهوش ٿي ويندا هئا. (تہذیب التہذیب،5/670) الله پاڪ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي.

(عاشقِ مدينہ سوچڻ لڳا) هاءِ! مان ائين ئي بنا تڪلف ”لَبَّيك“ پڙهي آيُس. ڇا ان جي معنٰي تي به نظر ڪئي؟ لَبَّيك ”مان حاضر آهيان“ اَللّٰهُمَّ لَبَّيك ”اي الله مان حاضر آهيان“اِنَّ الْحَمْدَ وَالنِّعْمَةَ لَكَ وَالْمُلْك بيشڪ ”تنهنجي لاءِ ئي خوبي، نعمت ۽ بادشاهت آهي“ لَاشَرِيْكَ لَكَ”تنهنجو ڪو شريڪ ناهي.“ نہ بدن تي ڏڪڻي طاري ٿي، نہ جسم ۾ ڪا ڏڪڻي ٿي نہ ئي هي احساس ٿيو تہ ڇا چئي رهيو آهيان.

جو ہیبت سے رُکے مُجرم تو رحمت نے کہا بڑھ کر
چلے آؤ چلے آؤ یہ گھر رَحمٰن کا گھر ہے

## زندگي ۾ پهريون ڀيرو حجرهٴ اَسود کي چُمي

مديني جي سچي عاشق اميرِاهل سنّت انهيءَ حج (1980ء) ۾ پهريون ڀيرو ”حجرهءِ اسود“ کي چُميو ۽ مقامِ ابراهيم تي موجود ان مبارڪ پٿر جي به زيارت ڪئي، جنهن تي بيهي ڪري حضرت ابراهيم خليلُ الله عَلَيهِ السَّلَام ڪعبي شريف جي تعمير ڪئي هئي.

(ملفوظات امیراہل سنت، 277/3 )

## پيادل حج

ان سفر جي وقت مديني جي عاشق جي عُمر تقريباً 30 سال هئي. پاڻ پنهنجي ساٿين سان گڏ "پيادل حج" جو ارادو ڪيو پوءِ مڪي پاڪ کان منٰي شريف، اتان کان عرفات ۽ اتان کان مُزدلفہ شريف تائين جو سفر پيادل ڪيائون.

فرمانِ مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: جيڪو مڪي کان پيادل حج جي لاءِ وڃي ايستائين جو مڪي واپس اچي ان جي لاءِ هر قدم تي ست سؤ نيڪيون حرم شريف جي نيڪين جي مِثل لکيون وينديون. عرض ڪيو ويو: حرم جي نيڪين جي ڇا مقدار آهي؟ فرمايائون: هر نيڪي لکُ نيڪين(جي برابر) آهي.

(مستدرک للحاکم، 2/ 114، حديث:1735)

حضرت مُفتي محمد امجد علي اعظمي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هي حديثِ پاڪ لکڻ کان بعد ارشاد فرمائن ٿا: هن حساب سان هر قدم تي ست ڪروڙ نيڪيون ٿيون. وَاللّٰهُ ذُو الْفَضْلِ الْعَظِيْمِ (يعني الله پاڪ وڏي فضل وارو آهي).

( بہارِ شريعت، 1032/1،حصہ:6 بتصرف قليل)

حجةُ الاسلام امام محمد بن محمد بن محمد غزالي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: جيڪڏهن ٿي سگهي تہ پيادل حج ڪري جو افضل آهي.

(احياء العلوم،391/1)

## عاشقِ مدينہ جي سفر جو رفيق ڪتاب

مديني جي عاشق جي سفر جي بہ ڇا تہ نرالي ڳالھ آهي! ان مبارڪ

سفر ۾ جيڪو شاندار ۽ عظيم ڪتاب سفر ۾ ساٿي هيو اهو اعلٰي حضرت امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو احڪامِ حج تي لکيل ڪتاب ”اَنْوَارُالبِشَارَةِ فِيْ مَسَائِلِ الْحَجِّ وَ الزِّيَارَةِ“ [1] هيو. مديني پاڪ وانگر عاشقِ مدينہ مڪي پاڪ ۾ بہ پيرين اگهاڙي رهيا.

میں مکّے میں پھر آگیا یاالٰہی　　کرم کا ترے شکریہ یاالٰہی

## هلو هلو مِنٰي هلو

8 ذوالحج شريف جو ڏينهن آيو تہ حاجين جو چوليون هٽنڌڙ سمنڊ جڻ ”هلو هلو مِنٰي هلو“ جون صدائون لڳائيندو منٰي جي طرف روانو ٿيو. مِنٰي شريف ۾ عاشقِ مدينہ جي ساٿي قافلي وارن هڪ جبل تي چڙهي ڪري خيمو لڳايو. ضرورت جو سامان اناج وغيره بہ گڏ هيو. ان حج ۾ اميرِ اهلسنّت تي ڪيئي امتحان بہ آيا پر پاڻ ”رِضائے مَولیٰ اَز همه اَولیٰ“ يعني الله پاڪ جي مرضي سڀ کان بهتر آهي،“ جا مصداق ثابت ٿيا. پهريون امتحان هي آيو تہ جبل تي چڙهڻ لهڻ جي ڪري سندن چيلهہ ۾ جهٽڪو اچي ويو. جنهن جي سبب تڪليف شروع ٿي وئي. پاڻ دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه هڪ ساٿي (دوست) سان

---

[1] اميرِ اهلسنّت ”اَنْوَارُالبِشَارَةِ فِيْ مَسَائِلِ الْحَجِّ وَ الزِّيَارَةِ “ ۽ ”بهارِ شريعت“ وغيره جي مدد سان پڻ موجوده دور کي سامهون رکي ڪيئي اهم مسئلن کي پنهنجي تجربات جي روشني ۾ جمع ڪري بہ وڏا ڪتاب بنام ”رفيقُ الحَرَمين“ ۽ ”رفيقُ المُتمرين“ لکيا آهن. حج ۽ عُمري جي سفر تي هي ڪتاب گڏ هجڻ ضروري آهن. خوش نصيب! ”عاشقانِ رسول جون 130 حڪايتون“ ڪتاب جو مطالعو بہ رهي تہ ڪيفيت ۽ سُرور ۾ اضافو ٿيندو رهندو. تجربو شرط آهي.

مُسۡتَشۡفٰي (Hospital) تشريف وٺي ويا، چيڪ اپ ڪرائي واپس آيا تہ هڪ ٻئي امتحان ڪان گذرڻو پيو جو پنهنجي خيمي جو مقام ياد نہ رهيو ۽ پاڻ پنهنجي خيمي تائين نہ پهچي سگهيا. ايئن اميرِ اهلسنّت پهرين ڏينهن کان ئي پنهنجي قافلي کان وچڙي ويا.

## ميدانِ عَرفات ۾ حاضري

9 ذُوالحج شريف تي يومِ عَرفہ آيو تہ لکين لَکَ ضيوفُ الرّحمٰن (يعني الله پاڪ جا مهمان) حاجي سڀورا ميدانِ عَرفات وڃڻ جي لاءِ تيار هئا، حج جو سڀني کان وڏو رُڪن "وقوفِ عَرفہ" آهي. جيڪو احرام جي حالت ۾ 9 ذو الحج تي نمازِ ظهر جو وقت شروع ٿيڻ کان وٺي ڪري ڏهين جي صبح صادق جي درميان هڪ گهڙي جي لاءِ بہ ان ميدان ۾ داخل ٿي ويو اهو حاجي ٿي ويو. مديني جو عاشق پنهنجي انهي ساٿي سان گڏ منٰي شريف کان تقريباً ٻارهن ڪلو ميٽر پري پيادل ميدانِ عرفات جي طرف وڌڻ شروع ٿيو. آخرڪار عرفات جو اهو عظيمُ الشّان ۽ مبارڪ ميدان اچي ويو جتي الله پاڪ جا پيارا آقا، مديني وارا مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجي ظاهري حيات مبارڪ ۾ حج جي موقعي تي تشريف وٺي آيا هئا ۽ جَبلِ رحمت وٽ خطبو ارشاد فرمايو هيو. هر سال يومِ عرفات ۾ بہ انبياءِ ڪرام حضرتِ خضر ۽ الياس عَلَيهِما السَّلام بہ ان بابرڪت ميدان ۾ تشريف فرما ٿيندا آهن. عَرفات ۾ اميرِ اهلسنّت ڪٿان ڪان گذري رهيا هئا تہ هڪ خيمي واري کين عرض ڪيو: حضرت! دعا ڪرايو. اتي بارگاهِ الٰهي ۾ رقّت ۽ سوز سان لڙڪ وهائيندي پنهنجي مخصوص انداز ۾ دعا ڪرائي.

## مُزدلفہ جي رات

هڪ ڏينهن ۾ منٰي شريف ڪان عرفات ۽ عرفات شريف ڪان مُزدلفہ جو سفر ۽ مختلف عبادتن جي سبب حاجي سڀُورا ان رات تمام گهڻو ٿڪجي پوندا آهن جڻ ٿڪاوٽ ﺑہ ٿڪجي پوندي هجي. اميرِ اهلسنّت ميدانِ عرفات جي حاضري ڪان بعد وقوفِ مُزدلفہ جي لاءِ روانا ٿيا تہ رستي ۾ مريض، معذور، ٿڪيل حاجين سڀُورن ڪي ٻين جي ڪلهن تي سوار ٿي ڪري ويندي ڏٺو. سڀي رستي ۾ پيادل هلي هلي ڪري سندن پير سُڄي ويا، حاجين سان پريل گاڏيون اهڙي طرح ڊوڙندي وڃي رهيون هيون جو روڪڻ سان ﺑہ نہ رڪجن. پاڻ ٿڪاوٽ سبب بيحال ٿي ويا الله پاڪ جي رحمت ۽ غيبي مدد هيئن ٿي جو پاڻ وٽ هڪ ڪار اچي بيٺي، ان ۾ اردو ڳالهائڻ وارا ڪجھ ماڻهو هئا انهن آفر ڪئي: اسان مُزدلفہ وڃي رهيا آهيون، اوهان ويهو اسان اوهان ڪي اتي ڇڏينداسين. پاڻ جڻ دل ئي دل ۾ ان نعمتِ الٰهي جو شڪر ادا ڪيو ۽ گاڏي ۾ ويهي رهيا الله پاڪ جي انهن نيڪ ٻانهن ڪيس مُزدلفہ شريف ۾ پهچائي ڇڏيو.

طواف و سعی گرچہ تم کو تھکادیں
کئے جانا صَبر اَجر اِس میں بڑا ہے
مِنیٰ اور عَرفات میں بھیڑ ہو گی
کئے جانا صَبر اَجر اِس میں بڑا ہے

## شبِ قدر ڪان ﺑہ افضل

ڪجھ عالمن سڀُورن جي ويجهو مُزدلفہ جي رات حاجي جي لاءِ ”شبِ قدر“ ڪان ﺑہ افضل آهي. مُزدلفہ جي ميدان مان شيطان ڪي

مارڻ جي لاءِ پٿريون ڪٺڻ بهتر آهي[1] اميرِ اهلسنّت رات گذاري ڪري وقوفِ مُزدلفه کان فوراً بعد رميءِ جمرات (يعني شيطان کي پٿريون هڻڻ) جي لاءِ منٰي تشريف وٺي ويا.

## هڪ شخص جي جان بچائي

وقوفِ مُزدلفه کان بعد حاجين سڀُورن جا قافلا رميءِ جمرات جي لاءِ روانا ٿي رهيا هئا. انهن ڏينهن ۾ حج جي دوران شيطان کي پٿريون هڻڻ واري جاءِ تي تمام گهڻي رش وغيره هوندي آهي جنهن سبب حادثا ٿي ويندا هئا، ڪيئي حاجي سڀُورا لتاڙجي فوت ٿي ويندا آهن. ان سال به ائين ئي ڪجهه ٿيو. هڪ مقام تي لاشن جا ڍيرَ ڏسي ڪري ڪين تمام گهڻي حيراني ٿي پوءِ خبر پئي ته هي هڪ ڍير ناهي بلڪ مختلف جڳهن تي هن طرح لاشَ گڏ ڪيا ويندا آهن. پاڻ اڳتي وڌندا رهيا، اوچتو سندن نظر هڪ شخص تي پئي جيڪو رش ۾ ڪري پيو، ويجهو ئي هو جو اهو لتاڙيو وڃي ها، اميرِ اهلسنّت هي ڏسي نه سگهيا پاڻ جهڪي ڪري ٻنهي هٿن سان سهارو ڏئي ان کي بيهاري ڇڏيو جيتوڻيڪ اهڙيءَ رش جي موقعي تي زمين تي جهڪڻ يا زمين تان شيءِ کڻڻ ۾ سخت انديشو هوندو آهي ته پنيان اچڻ وارو ريلو ڪٿي ڪيرائي نه ڇڏي ۽ پوءِ مٿان چڙهندي، لتاڙيندي نه گذري وڃي پر ڪائنس اکين جي سامهون ڪنهن مسلمان جي ڪرڻ لتاڙجي وڃڻ جو منظر ڏسي نه سگهجو. سندن دوست ڪيس چيو: الياس! هي ڇا ڪئي؟ ته پاڻ مُسڪرائيندي

---

[1] پٿريون ميڙڻ پڻ رميءِ جمرات جي طريقي جي لاءِ اميرِ اهلسنّت جو ڪتاب رفيقُ الحرمين صفحو 183 کان 191 پڙهو.

فرمايائون: ”ان جي دل کان پڇيو.“ جڏهن جنهن جي جان بچي وئي ان کان پڇيو تہ اهو ڪيتري قدر خوش هوندو.

## جمرات تي پٿريون هڻڻ وقت هي تصور ڪريو

پهرين ڏينهن چو تہ وڏي شيطان کي پٿريون هڻيون ويندئون آهن، اميرِ اهلسنّت بہ پٿريون هنيون. پاڻ فرمائن ٿا: شيطان کي پٿريون هڻڻ وقت هي تصور ڪرڻ گهرجي تہ جيڪو شيطان (يعني همزاد) مون تي مُسلط آهي مان ان کي ماري رهيو آهيان.

## حج جي قرباني

پوءِ پاڻ پنهنجي رفيق سان گڏ جانور خريد ڪري قرباني جي لاءِ قرباني واري مقام تي تشريف وٺي ويا، اتي ماڻهو قرباني جي لاءِ ڇريون وڪڻي رهيا هئا، پاڻ هڪ ڇُري خريد ڪري پنهنجو ۽ پنهنجي ساٿي جو جانور پنهنجي هٿن سان ذبح ڪيو، هي ڏسي ڪري ٻيا حاجي سڳورا بہ اچڻ لڳا تہ اسان جو جانور بہ ذبح ڪريو. پاڻ خير خواهي ۽ همدردي طور بنا اجرت (Free of Charge) جي اَٺَ ڪن جانور ذبح ڪيا.

## هڪ ڀيرو ٻيهر غيبي مدد

قرباني کان فارغ ٿيا تہ احرام تي رت جا ڪجهہ ڇنڊا لڳل هئا. ان موقعي تي سندن اهو ساٿي بہ وڇڙي ويو ۽ پاڻ اڪيلا رهجي ويا. منجهند جو وقت ٿي چڪو هيو، اميرِ اهلسنّت کي نمازِ ظهر ادا ڪرڻي هئي ۽ جسم تي موجود رت لڳل احرام کان علاوه ڪو لباس نہ هيو جنهن کي پائي ڪري نماز ادا ڪري سگهن. ٻُڪ اُڃ

جي عالَم ۾اڪيلا هلندي هلندي اميرِاهلسنّت واديءِ منٰي جي رستن ۾ انتظاميہ جي طرفان ڊيوٽي تي مقرر عربي ماڻهن کان پڇندا رهيا: ”فَيْنْ سُوْقُ الْعَرَبْ“[1] يعني سُوق العرب (هڪ مقام جو نالو) ڪٿي آهي؟ ڪو فَوق يعني مٿي ڏس پيو ڏي ۽ ڪو تَحت يعني هيٺ وڃڻ جو ٻڌائي رهيو هو. بعد ۾ خبر پئي تہ هي حضرات عرب شريف جا ڳوٺان آهن جيڪي خاص ڪري حج جي ڏينهن ۾ ڊيوٽي ڪرڻ ايندا آهن، تي سگهي ٿو انهن کي بہ رستن جي ايتري معلومات نہ هجي. پاڻ هڪ گاڏي واري عربي شخص کي سلام ڪري پنهنجي انداز ۾گفتگو ڪئي تہ مان پنهنجي قافلي کان وڇڙي ويو آهيان، مونکي”سُوْقُ الْعَرَبْ “ وڃڻو آهي. ان نيڪ ماڻهوءَ کين پنهنجي گاڏي ۾ ويهاريو ۽ گاڏي هلائڻ لڳو، رستي ۾ ان کين کائڻ جي لاءِ هڪ صوف بہ پيش ڪيو، رستي ۾ تمام گهڻي رش هئي، پري پري تائين ماڻهن جا مٿا ئي مٿا نظر اچي رهيا هئا، گاڏي جڻ رڙهندي رڙهندي هلي رهي هئي. جيئن تيئن ڪري ”سُوْقُ الْعَرَبْ “ پهتاسين تہ ڊرائيور چيو: هٰذَا سُوْقُ الْعَرَبْ“ يعني هي سوقُ العرب آهي. اميراهل سنت گاڏي مان لهي ڪري هڪ پيرو بيهر اڻ سڃاتل منزل جي طرف هلڻ لڳا. ڪيس هڪ مُعَلِّم جو نالو ياد آيو. بس پوءِ ڇا ٿيو، پڇندي پڇندي ان جي خيمي جي طرف هلڻ لڳا چوتہ ڪارادَر، منٽي دَر وغيره جا ميمڻ حاجي سڳورا ان جي خيمي ۾ هوندا هئا، اتي پهتا تہ پاڻ کي شهيد مسجد جو هڪ مقتدي مرحوم حاجي علي

[1] عربي ۾ اَيَن جي معنيٰ آهي ”ڪٿي“ عرب شريف وغيره ۾ عوام اَين کي فَيَن چوندي آهي انهي ڪري پاڻ ايئن فرمايو

بَرڪاتي (رنگيلا) مليو جيڪو پڪو عاشقِ رسول ۽ برڪاتيہ سلسلي ۾ تاجُ المشائخ حضرت سيد محمد ميان مارِهوَري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو مُريد هو، پاڻ انهن کي ٻڌايو تہ مان پنهنجي قافلي کان وڇڙي ويو آهيان. مونکي ظهر جي نماز پڙهڻي آهي ۽ منهنجا ڪپڙا رت هاڻا آهن، زهي نصيب پاڻيءَ جو بندوبست ٿي وڃي، انهن پاڻيءَ جي ڏِمي ڪٽي ڪري کين ڏني. اتفاق سان اميرِ اهلسنّت جي مرحوم ڀاءُ عبدُ الغني جو پٽ ۽ سندن ڀائيٽيو "حاجي انور عرف حاجي پي"[1] بہ حج تي آيل هئا، اهي بہ کين ملي ويا، پاڻ انهن سان گفتگو فرمائي ٿي رهيا هئا تہ "باھ باھ!" رڙيون بلند ٿيون ۽ باھ جا ٻَيڙَ نظر اچڻ لڳا.[2]

## چئني پاسي باھ

سندن اهي دوست جن پاڻي جي بوتل آڻي ڏني هئي، فوراً پنهنجي سامان جي طرف هي چوندي ڊوڙيا تہ مان پنهنجي پيسن جي بيلٽ ڪٽي وٺان. اميرِ اهلسنّت فرمايو: منهنجي دولت تہ هي پاڻي جي

---

[1] ميمڻي ۾ "پي" والد کي چوندا آهن. اميرِ اهلسنّت جا والدِ محترم حاجي عبدُ الرحمٰن رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي نالي تي اميرِ اهلسنّت جي ڀاءُ عبدُ الغني صاحب پنهنجي پٽ جو نالو عبدُ الرحمٰن رکيو هو انهن کي پيار سان "حاجي پي" چئي ڪري پڪاريو ويندو هو

[2] پهريان حج جي موقعي تي منٰي شريف ۾ تقريباً هر سال باھ لڳندي هئي ڇوتہ حاجي سڳورا چُلها ڪٽي ويندا هئا. پوءِ اتي انتظاميہ چلها ڪٽي وڃڻ تي پابندي لڳائي ڇڏي تہ ڪجھ ماڻهو لڪائي ڪري ڪٽي ويندا هئا. جيڪڏهن پوليس وارا ڏسي وٺندا هئا تہ چلها پچي ڇڏيندا هئا، سزا نہ هجڻ جي سبب ماڻهو هي سوچي ڪري چلها ڪٽي ويندا هئا تہ جيڪڏهن پڪڙيا بہ وياسين تہ صرف چلهو ئي پچندو. ايئن باھ لڳڻ جو سلسلو بند نہ ٿيو ۽ جڏهن بہ باھ لڳندي هئي تہ لاشن جا ڍيرَ لڳي ويندا هئا پوءِ هي حل ڪڍيو ويو تہ منٰي شريف ۾ Fire Proof يعني باھ کان محفوظ رهڻ وارا خيما لڳايا وڃن. الحمد لله! هن اعتبار سان هاڻي حج جا انتظامات پهريان جي مقابلي ۾ ڪافي بهتر آهن جنهن جي سبب تمام آساني ٿي وئي آهي.

بوتل آهي ۽ مونکي نمازِ ظهر پڙهڻي آهي. ان افراتفري جي ماحول ۾ به پاڻ گهبرايا نہ. جڏهن خيمي مان ٻاهر آيا تہ ڏٺو تہ باهہ جا ٻيڙ آسمان تائين پهچي رهيا آهن ۽ عوام بدحواسيءَ جي عالَم ۾ ڊوڙي رهيو آهي. ڪجهہ ئي دير ۾ هيلي ڪاپٽرز اچي ويا جن مان باهہ وسائڻ جي لاءِ پاڻي اڇلايو پئي ويو. اميرِ اهلسنّت پنهنجي طور تي عوام کي ڀڄ ڊوڙ وغيره کان بچڻ جون احتياطون ٻڌائڻ جي ڪوشش ڪئي تہ باهہ تمام پري آهي توهان جي طرف نہ ايندي پر ان رش ۾ ڪير ٻڌي، ڪير ٻيهي![1]

## نماز جو فڪر

ماڻهو جان بچائڻ جي ڪوشش ۾ هيڏانهن هوڏانهن ڊوڙي رهيا هئا جڏهن تہ اميرِ اهلسنّت ان سخت آزمائش جي حالت ۾ بہ نماز جي ادائيگي جي فڪر ۾ مصروف هئا، پاڻ هڪ خيمي واري کي فرمايو: قرباني جي رت جي سبب منهنجو احرام ناپاڪ ٿي ويو آهي ٿوري جڳهہ ڏيو تہ جيئن مان پاڻيءَ سان بدن وغيره پاڪ ڪري نماز ادا ڪري وٺان، هي ٻڌي ڪري هڪ جاهل شخص چيو: مولانا! ”اسان جي بہ ڪپڙن تي رت لڳل آهي اسان بہ ائين نماز پڙهي آهي دل تہ پاڪ آهي نہ“ معاذَالله.

پيارا اسلامي ڀائرو! هي تمام سخت جملو آهي، هن جملي ۾

---

[1] الله نہ ڪري جڏهن بہ ڀڄ ڊوڙ وغيره جي آزمائش ۾ ڦاسي وڃو تہ ماڻهن کي ڏسي ڪري ڀڄڻ بدران ڪنهن ڀِتِ يا ٿنڀي وغيره جي اوٽ ۾ بيهي رهو تہ جيئن تيز ڀڄڻ وارا گذري وڃن، نہ تہ توهان تيز ڀڄي نہ سگهڻ يا ڪنهن بہ سبب ڪِري ڪَري انهن جي پيرن هيٺان لتاڙجي سگهو ٿا.

ڪفريہ پهلو نڪري ٿو. چوٿون نماز جي لاءِ طهارت شرط آهي ۽ ذبح جي وقت نڪرڻ وارو رت ناپاڪ هوندو آهي. ان بدنصيب چڻ نماز جي شرط جو انڪار ڪري ڇڏيو جو دل تہ پاڪ آهي نہ؟ اهڙي شخص جي لاءِ ضروري آهي تہ اهو ان ڳالهہ کان توبهہ ڪري ڪلمو پڙهي ۽ پيهر نڪاح بہ ڪري، بهرحال اميرِ اهلسنّت اتان کان ٻاهر washrooms جي طرف اچي ويا، بس ڪين هڪ ئي فڪر هيو تہ منهنجي نماز نہ نڪري وڃي، اتي پيهر مرحوم حاجي علي برڪاتي (رنگيلا) ملي ويو، پاڻ انهن کي فرمايائون: اوهان تہ نماز پڙهي چڪا آهيو، مونکي پنهنجو احرام ڏيو ۽ منهنجو احرام اوهان ٻَڌو، پاڻ پاڻيءَ جي ٻن بوتلن سان بدن تي لڳل رت کي صاف ڪيو ۽ وڌيڪ بہ بوتلون خريد ڪري وضو ڪري الحمد للّٰہ وقت جي اندر ئي نمازِ ظهر ادا فرمائي ورتي.

هر عبادت سے برتر عبادت نماز — ساری دولت سے بڑھ کر ہے دولت نماز

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب — صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## حلق ۽ طوافِ زيارت

حلق شريف کان بعد مڪي پاڪ حاضر ٿي ڪري حج جي ٻئين اهم ترين رُڪن "**طوافِ زيارت**" جي سعادت ماڻي ۽ ايئن ارڪانِ حج مڪمل ٿيا پر اڃان يارهين ۽ ٻارهين جي رمي باقي هئي. پاڻ پيهر منٰي شريف ۾ تشريف کڻي آيا. منٰي شريف ۾ جنهن مقام تي ٻاهہ لڳي هئي اتي سندن وڇڙيل دوست ملي ويا. خيمي جي سهولت نہ هئي. اميرِ اهلسنّت انهن ڏينهن ۾ ڪراچي جي علائقي ڪارادر

جي نور مسجد ۾ امامت فرمائيندا هئا. رستي ۾ نور مسجد جي ويجهو رهڻ وارو هڪ حاجي صاحب ملي ويو، انهن ڪيس ترسڻ جي آفر ڪئي جيڪا پاڻ قبول ڪئي. پاڻ پنهنجي سڄاڻو کي فجر جي نماز جي لاءِ جاڳائڻ جي تاڪيد ڪري آرام ڪرڻ جي لاءِ سمهي رهيا. پر ڪيئي ڏينهن جي ٿڪاوٽ جي باوجود فجر جي وقت کنهن اٿارڻ جي بغير ئي سندن اک کُلي وئي ۽ پاڻ نمازِ فجر ادا ڪري ورتي. انهن ڏينهن ۾ پاڻي جي سخت قلت(يعني کوٽ) هوندي هئي. وضو خاني تي ڪافي رش هوندي هئي. ڪيئي پيرا پاڻي خريد ڪري گذارو ڪرڻو پوندو هيو. ٻيءَ رات کين پاڻي جي کوٽ جي خوف ۽ فجر ۾ ٿڪاوٽ سبب اک نه کلڻ جي تشويش جي ڪري ننڊ نه اچي رهي هئي. پاڻ هڪ بوتل ۾ پاڻي پريو ۽ اها بوتل هڪ ٿنڀي (PILLAR) جي پنيان لڪائي ڇڏي ۽ پاڻ ٿنڀي سان ٽيڪ لڳائي ڪري ويهي رهيا، ويني ويني ننڊ اچي وئي. نمازِ فجر جي وقت اک کُلي ته ننڊ جي حالت ۾ پاڻي ڏانهن هٿ وڌايائون ته هي ڇا! پاڻي جي بوتل غائب هئي، پوءِ جيئن تيئن پاڻي حاصل ڪري نمازِ فجر ادا ڪيائون.

## اميرِ اهلسنّت ۽ نماز

پيارا اسلامي ڀائرو! اميرِ اهلسنّت فرائض ۽ واجبات سان گڏوگڏ سنّتن ۽ مستحبن جا به وڏا پابند آهن پلا هي ڪيئن ٿو ٿي سگهي ته سندن فرض نماز رهجي وڃي؟ پاڻ نماز جي معاملي ۾ نهايت حساس آهن. پاڻ فرمائن ٿا: مونکي ياد نه ٿو اچي ته مون پنهنجي زندگي ۾ ڪڏهن ڪا نماز قضا ڪئي هجي بلڪ پاڻ بيرونِ مُلڪ

سفر جي لاءِ بہ اهڙي فلائٽ جو انتخاب ڪندا آهن جنهن جي دوران نماز نہ اچي چوتہ جهاز وغيره ۾ وضو ڪري نماز ادا ڪرڻ آسان ڪم ناهي. ڪجھ سال پهريان سندن آپريشن ٿيو تہ ان ۾ بہ پاڻ ڊاڪٽر کان عشاء کانپوءِ جو وقت ونڻ پسند فرمايو تہ جيئن آپريشن ۽ بيهوشي وغيره کان بعد نمازِ فجر وقت ۾ ادا ڪري سگهجي. امیرِ اهلسنّت پنهنجي نعتيہ ڪتاب ”وسائلِ فردوس“ ۾ نماز جي باري ۾ لکن ٿا:

پیارے آقا کی آنکھوں کی ٹھنڈک ہے یہ قلبِ شاہِ مدینہ کی راحت نماز
بھائیو! گر خُدا کی رِضا چاہیے آپ پڑھتے رہیں باجماعت نماز
جو مسلمان پانچوں نمازیں پڑھیں لے چلے گی انہیں سُوئے جنت نماز
ہو گی دنیا خراب آخرت بھی خراب بھائیو! تم کبھی چھوڑ نا مت نماز
یاخدا تجھ سے عطارؔ کی ہے دعا مصطفےٰ کی پڑھے پیاری اُمت نماز

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

اي عاشقانِ امیرِ اهلسنّت! اسان کي بہ گهرجي تہ فرض نماز جي ادائيگي ۾ ڪنهن قسم جي ڪوتاهي نہ ڪيو بلڪ پنج ئي نمازون باجماعت پهرين صف ۾ ادا ڪيو. مديني جي عاشق جو انهيءَ سفرِ حج کان واپسي تي نماز جي پابندي جي حوالي سان هڪ بيو واقعو پڙهو جنهن ۾ پاڻ نہ صرف پنهنجي نماز جي حفاظت ڪئي بلڪ سندن گڏ ڪيئي حاجين سڀني کي بہ گاڏي مان لهي ڪري نمازِ فجر پڙهڻ جي ترغيب ڏياري. واقعو پڙهو ۽ 72 نيڪ اعمال جي رسالي ۾ نيڪ عمل نمبر 3 **”ڇا اڄ توهان گهر، بازار، مارڪيٽ**

وغيره جتي بہ هئا نمازن جي وقتن ۾ نماز کان پهريان نماز جي دعوت ڏني؟“ تي عمل ڪرڻ جي نيّت فرمايو.

## مڪي پاڪ کان ٻيهر مديني شريف واپسي

حاجيو! آؤ شہنشاہ کا روضہ دیکھو — کعبہ تو دیکھ چکے کعبے کا کعبہ دیکھو

سيدي اعلٰي حضرت امام احمد رضا خان رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ جي هن مبارڪ شعر جو جڻ حقيقي فيضان، حج جي قبوليت ماڻڻ ۽ ڪعبي جي ديدار جي لاءِ عاشقِ مدينہ مناسڪِ حج ادا ڪري هڪ ڀيرو ٻيهر مديني شريف روانا ٿيا تہ پاڻ ڪيئي حاجين سڳورن سان گڏ مديني پاڪ وڃڻ واري هڪ ٽرڪ ۾ سوار ٿي ويا، سفر شروع ٿيڻ کان پهريان ئي پاڻ ڊرائيور کي رستي ۾ مناسب جڳھ تي فجر جي نماز پڙهڻ جي لاءِ گاڏي روڪڻ جي تاڪيد ڪري ڇڏي هئي. رات جو وقت هيو، سفر شروع ٿيو تہ ويني ويني اک لڳي وئي. ڪجھ دير کان بعد اک کُلي تہ ٽرڪ صحراءِ عرب ۾ مديني پاڪ ڏانهن هلي رهي هئي، اميرِ اهلسنّت کي آسمان تي ڪجھ اجاڻ نظر آئي تہ محسوس ٿيو تہ فجر جو وقت ٿي ويو آهي، پاڻ ”صلٰوة صلٰوة“ يعني نماز نماز جون صدائون بُلند ڪرڻ شروع ڪيون ۽ گڏوگڏ زور زور سان ٽرڪ جي پاسي تي هٿ هڻندا رهيا، ڊرائيور ٽرڪ بيهاري. سڀ ماڻهو لٿا. اهو واقعي صحراءِ عرب هيو. هر طرف خاموشي پري پري تائين پاڻيءَ جو نالو نشان ئي بہ نہ هيو. پاڻ وٽ آبِ زم زم شريف جي بوتل هئي ماشآءالله ان وقت بہ ڪين شرعي مسئلن وغيره جي حوالي سان ڪافي معلومات هئي جو پاڻ حاجين کي فرمايو:

مون وٽ آبِ زمزم آهي ان ڪري مان تيمم نہ ٿو ڪري سگھان[1] ها جيڪو پاڻيءَ تي قدرت نہ ٿو رکي اهو ڀلي تيمم ڪري وٺي. (فتاوی تاتارخانيہ،234/1) الله پاڪ ۽ ان جي آخري نبي صَلَّى الله عَلَيْهِ والِهٖ وَسَلَّمَ جي فضل ۽ ڪرم سان فجر جي نماز ادا ڪرڻ کان بعد هڪ ڀيرو ٻيهر سندن سفرِ مدينہ شروع ٿي ويو ۽ الحمد لله! بارگاھِ رسالت صَلَّى الله عَلَيْهِ والِهٖ وَسَلَّمَ ۾ هاڻي پاڻ ”حاجي“ بڻجي ڪري حاضر ٿيا. وسائل بخشش ۾ آهي:

(فتاوىٰ رضويہ ، 2 / 452ملخصاً)

سرکار پھر مدینے میں عطّارؔ آگیا
پھر آپ کا گدا شہِ اَبرار آگیا

عاصی پہ کیجئے کرم اے شافعِ اُمم
عطّارؔ مغفِرت کا طلب گار آگیا


(وسائل بخشش،ص198، 199 )

(بقيہ اڳين قِسط ۾...)

---

[1] فتاوٰي رضويہ ۾ آهي: اسان جي آئمہء ڪرام جي نزديڪ زَمزَم شريف سان وضو ۽ غسل بنا ڪراهت جي جائز آهي.

## ايندڙ هفتي جو رسالو




عالمي مدني مركز فيضان مدينه محله سوداگران پراڻي سبزي منڊي كراچي

UAN: +92 111 25 26 92 Ext: 7213

Web: www.dawateislami.net / E-mail: translation@dawateislami.net